# موسمياتي تبديليون ۽ اسان جي زراعت

## Climate Change & Agriculture

ڌرتيءَ تي موسمياتي تبديليون هاڻ هڪ حقيقت آهن. جن جو ذميوار خود انسان ئي آهي، جنهن ترقيءَ جي نالي ۾ فطري ماحول کي سخت نقصان رسايو آهي. موسمياتي تبديليون ٻين شعبن سان گڏ زراعت لاءِ شديد خطرو آهن، جيڪو خطرو جيتوڻيڪ سڄي دنيا لاءِ آهي پر ترقي پذير ملڪن ۾ وسيلن ۽ صلاحيتن جي کوٽ جي ڪري زراعت جي وڌيڪ متاثر ٿيڻ جا امڪان آهن.

سنڌ سميت ساري ملڪ جي اڪثر آباديءَ جي روزگار جو وسيلو زراعت آهي ۽ زراعت لاءِ هتي



ڪافي عرصي کان موسمياتي تبديلين جي نتيجي ۾ ڪيترائي مسئلا ڪڙا ٿيا آهن، جن مان مکيه جو ذڪر هيٺين ريت آهي:

### پاڻيءَ جي کوٽ:

دريائي پاڻيءَ جي شديد کوٽ جي نتيجي ۾ فصلن کي گُهربل پاڻي نہ ملڻ جي ڪري هڪ طرف فصلن جي پوکي ۽ پيداوار متاثر ٿي رهي آهي تہ ٻئي طرف وڌيڪ ٽيوب ويل لڳائي جَرُ جو پاڻي ڪڍڻ سان جَرُ جو پاڻي گهٽجي ئي رهيو آهي ۽ ٻاڙو يا ڪارو بہ ٿي رهيو آهي.



### سم ۽ ڪلر:

زميني پاڻيءَ جي نيڪال جي بهتر نہ ٿيڻ جي نتيجي ۾ سم ۽ ڪلر جو مسئلو ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي، جنهن کي خاص طور تي ڏکڻ سنڌ جي ساموندي پٽيءَ وارن علائقن ۾ سمنڊ جي پاڻيءَ جي چڙهي اچڻ ڪري بہ سم ۽ ڪلر وڌيو آهي.





### ٻوڏون ۽ خشڪسالي:

موسمياتي تبديلين جي نتيجي ۾ گهڻو ڪري چوماسي جي مينهن وسڻ ۾ فرق آيو آهي. هڪ تہ اُهي مقرر وقت تي ناهن پئجي رهيا ۽ ٻئي طرف ڪڏهن گهٽ تہ ڪڏهن تمام گهڻا پئجي رهيا آهن، جنهن جي ڪري ڪڏهن ٻوڏ واري صورتحال ٿي وڃي ٿي جنهن جي ڪري فصلن جو شديد نقصان ٿئي ۽ ڪڏهن وري سوڪهڙو يا خشڪسالي ٿي وڃي ٿي، جيڪا عام طور تي سڄي سنڌ ۽ خاص طور تي ٿر ۽ ڪاڇي وغيره وارن علائقن کي شديد

متاثر ڪري ٿي. خشڪسالي جي ڪري نه صرف فصلن کي نقصان رسي ٿو پر ساڳئي وقت چوپائي مال لاءِ چاري جو به سخت بحران ٿي وڃي ٿو.

خشڪسالي يا سوڪهڙي جي ڪري جرُ به نٿو پرجي جنهن جي ڪري ماڻهن ۽ جانورن جي پيئڻ جي پاڻيءَ جي کوٽ پڻ شدت اختيار ڪري وڃي ٿي.

**سياري جي مُند جو سُسَڻُ:** سياري جي مُند سُسَڻَ لڳي آهي جنهن جي ڪري سياري جي مُند وارن فصلن کُهربل سيءَ وارا ڏينهن ملڻ ڪري سندن پيداوار ٿئي ٿي. اُن سان گڏ سياري جي مُند ۾ ڪن ڏينهن ۾ ٿڌ گهٽ ته ڪن ڏينهن ۾ تمام گهٽي وڌي وڃي ٿي ۽ گهٽي ٿڌ وڌڻ جي نتيجي ۾ فصلن ۾ ڪسَ ٿئي ٿي ۽ پيداوار متاثر ٿئي ٿي.

**موسمياتي تبديلي جي ڪري جيتن ۽ بيمارين جو مسئلو:** ڪجهه سالن کان موسمياتي تبديلين جي نتيجي ۾ اهڙا جيت ۽ بيماريون فصلن ۾ شدت اختيار ڪري ويا آهن، جيڪي پهرين ائين نه هئا: جن ۾ وونئڻن ۾ ميلي بگ ۽ انبن ۾ سوڪهڙي واري بيماري مُک آهن، جڏهن ته هن سال زيتون ۾ ميلي بگ جو حملو نظر آيو آهي.

## موسمياتي تبديلين جو تدارڪ يا بچاءُ:

1. سڀ کان اهم ڪم هي آهي ته موسمياتي تبديلين جي سلسلي ۾ تحقيقي ڪم ۽ صلاحيت کي وڌايو وڃي.
2. موسمياتي تبديلين سان مطابقت رکندڙ جنسون ۽ حڪمت عمليون تيار ڪيون وڃن.
3. آبادگارن جي سطح تي آبادگارن کي گهرجي ته پنهنجي زمينن ۾ نامياتي مادي وڌائڻ واسطي زمينن ۾ هر سال نه ته به گهٽ ۾ گهٽ هر ٽئين سال وٿاڻ جو ڀاڻ يا سائو ڀاڻ ضرور ڏين ته جيئن زمينن جي زرخيزي بحال رهي ، پاڻي کي جذب ڪرڻ ۽ پاڻي جي سوڪهڙي کي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت وڌي ۽ پيداوار متاثر نه ٿئي.
4. جرَ جي پاڻيءَ تي ڪوشش ڪري گهٽ پاڻيءَ وارا فصل پوکجن ۽ جديد طريقن سان پاڻيءَ جو استعمال ڪجي ته جيئن جرَ جي پاڻيءَ جي کوٽ نه ٿئي ۽ جرَ جو پاڻي گهٽي استعمال ڪري کارو يا ٻاڙو نه ٿئي.
5. ڊِڪ پوڪ يعني ٽنل اندر ڀاڄين ۽ ميوون کي ڦڙي ڦڙي يا ڦوهاري واري آبپاشيءَ تي پوکيءَ طرف اچڻ گهرجي ته جيئن ڀاڄين ۽ ميوون کي گهٽي سردي ۽ گرميءَ کان بچائي سگهجي ۽ گهٽ پاڻي تي فصل اُپائي سگهجي.
6. مينهن / باراني زراعت کي هٿي وٺائي وڃي.
7. فصلن کي زمين جي قسم ۽ فصل جي گُهرج مطابق ڀاڻ ڏيڻ لاءِ زمين جي مٽي ليبارٽرين مان چڪاس ڪرائي ليبارٽرين جي سفارش مطابق ڀاڻ ڏيڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ زمين جي قسم مطابق ڪيميائي ڀاڻ نه ڏيڻ جي ڪري زمين خراب ٿي سگهي ٿي ۽ پيداوار ۾ به خاطر خواهه اضافو نٿو ٿئي ان سان گڏ پنهنجي ٽيوب ويلن جو پاڻي پڻ وقفي وقفي سان ليبارٽرين مان ضرور چڪاس ڪرائجي چاڪاڻ ته ٻاڙي يا کاري ٽي ويل پاڻيءَ جو فصلن ۾ استعمال زمين کي خراب ڪري رهيو آهي.

8. جيتن ۽ بيمارين جي ضابطي لاءِ زرعي ماهرن جي مشوري بنان زرعي زهرن جو استعمال نہ ڪرڻ گُهرجي. چاڪاڻ تہ جيتن يا بيمارين جي صحيح سڃاڻپ ۽ شدت معلوم ٿيڻ بنان زرعي زهرن جي استعمال جو هڪڙو نقصان اهو آهي تہ ماحولياتي گدلاڻ وڌي رهي آهي ۽ ٻيو جيتن ۽ بيمارين ۾ زرعي زهرن خلاف قوتِ مدافعت وڌي رهي آهي جنهن ڪري اُهي هلڪي زهر تي ضابطي ۾ نٿا اچن.
9. هڪڙي قسم جي فصل پوکڻ بجاءِ مختلف فصل پوکڻ گهرجن تہ جيئن هڪ فصل جي ناڪام ٿيڻ جي حالت ۾ ٻين فصلن مان اپت ملي سگهي.